عابده گھانگھرو

# سنڌي شاعريءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر

# IMPACT OF BHAGTI MOVEMENT ON SINDHI LITERATURE


**Abstract**

Many of today's developed nations have achieved their freedom, independence, revolutions and power with the strength of manpower and their national, social, political, ethical and literary movements.

Many movements rose, ended, or still prevail, with either success or otherwise, whilst the literary movements and their impacts rest and remain in the society through literature. This is because the literary movements work as a link between the nation and any kind of movement during their respective period. Literature of that era preserves the history and records of the movements to ensure its further transmigration to the future generation.

One such movement, which is still preserved through literature, is the Bhagti movement. This movement was initially a mystic movement, which originated in the 7th century in Tamil Nado.

The main source of this movement's success and popularity during 14 to 17 centuries was the folk and mystic poetry, specially created by Bhagat Kabir, Gru Nanik, Tulsidas, Meeran Bai, Dadu Dayal and other mystic poets from the Sub-continent. The movement left its impact on many of the languages of the Sub-continent. We can also see its clear impact on Sindhi poets, such as Dadu Dayal, Paran nath, Qazi qadan, Shah Latif, Sami, Kishanchand Bewas, Parsram Zia, Sheikh Ayaz etc.

This study focuses on the impacts of the Bhagti movement on Sindhi poetry.


زندگي تبديل، تحرڪ، چرپر ۽ هلچل جو نالو آهي. ان جو ضد آهي سڪوت-بيهڻ خاموشي. انساني ذهن هر وقت تحرڪ ۾ رهي زندگيءَ کي متحرڪ ڪندو رهي ٿو. تحرڪ جو عمل تحريڪ آهي.

تحريڪ جي وصف هيئنئن بيان ڪري سگهجي ٿي تہ ڪنهن بہ هڪ سوچ، خيال تصور يا فڪر (مڪتب فڪر) جا ماڻهو گڏجي ڪنهن اهڙي عمل لاءِ سرگرم ٿين جيڪو سندن ان فڪر، سوچ، تصور يا نظرئي جو پرچار ڪري ۽ پنهنجي ماحول ۾ ڪي اهڙيون مثبت تبديليون آڻي يا تبديلين جو بنياد ثابت ٿئي، جيڪي هڪ پاسي ان جاري وقت ۾ بہ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪن/ڪري سگهن تہ ٻئي پاسي وري انهن جو اثر مستقبل ۾ هڪ ٻي بهتر، نئين ۽ مثبت سوچ، فڪر ۽ عمل لاءِ پڻ راهہ هموار ڪري.

مختلف سماجن/قومن اندر اڀرندڙ سياسي ۽ سماجي تحريڪن هڪ پاسي پنهنجي سماج کي لوڏي ڇڏيو تہ ٻئي طرف قلم ذريعي پنهنجا اثر پنهنجي همعصر سماجن/ قومن تي اهڙا ڇڏيا جن سان ايندڙ وقت صدين تائين لاڀ حاصل ڪندو رهيو. جديد معاشري جي پيڙهہ جا پٿر اهي قديم ۽ ڪلاسيڪي تحريڪون آهن.

ڀڳتي تحريڪ ننڍي کنڊ جي اها سماجي فڪري تحريڪ آهي، جنهن ادب ۽ فڪر ذريعي سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي اوساريءَ ۾ هڪ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. "ڀڳتي لفظ جي معني آهي هڪ ڏيٺيءَ جي بندگي ڪرڻ وارو عقيدو، ڌرمي ڀڄن يا راڳ. Loving devotion, ardent worship, a religious song of praise for God/Lord.

(1) ڀڳتي نظريو مسلمانن جي صوفي نظرئي جهڙو آهي. اٽڪل تيرهين صديءَ ۾ هند سنڌ اندر ٿيندڙ تبديلين ۽ مذهبي، سياسي ۽ سماجي حالتن معاشري ۾ هڪ غير يقيني ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. مذهبي انتهاپسندي وڏي وئي هئي. اهڙي وقت ۾، صوفي درويشن ڏکايل عوام جي زخميل ذهنن تي جڏهن انسانيت ۽ پيار جا ڦها رکيا تہ سندس سٽل شعور جاڳي پيو. محبت، اُخوت ڀائيچاري ۽ ذات پات جي فرق کان جدا انسانيت جي بنياد تي ٻڌ ڌرم جي ابتدا بہ گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي.

"تاريخي لحاظ کان ڀڳتي تحريڪ جو اوائلي روپ ڏکڻ ڀارت ۾ اڀريو جتي تامل صوبي ۾ ادواڙ ڀڳتن جو گروهہ پيدا ٿيو، جن مالڪ حقيقي جي حاصلات لاءِ گيان مارڳ، ڪرم مارڳ ۽ پريم مارڳ جي پيٽ ۾ ڀڳتي مارڳ کي ترجيح ڏني اها روايت ڏکڻ ڀارت ۾ اسريل وشنو ڌرم سان هم قدم رهندي، شنڪر آچاريہ جي ادويت واد (Monotheism) ۽ مايا واد (Illinoi) سان هڪهڙائي قائم رکي ۽ وشنو ڌرم جي يامن آچاريہ ۽ رامانج آچاريہ تائين پهتي. (2)

"رامانج "هم اوست" نظرئي جو حامي هو. سندس دور ۾ هند تغلق حڪمرانن جي حڪومت هيٺ هو. رامانج ان دور ۾ اسلام جي ترقي ڏٺي هئي ۽ هو ان تعليم ۽ مساوات کان متاثر بہ هو. ان ڪري هن ڀڳتيءَ جو درس عوامي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو(3)

هندستان ۾ هيءَ انتها پسنديءَ جي خلاف عوامي تحريڪ طور نظر اچي ٿي

چاڪاڻ تہ ان جا ڪارڪن اهڙا شاعر آهن جيڪي عوام جي محنت ڪش ۽ مظلوم طبقي سان واسطو رکندڙ آهن.

آغا سليم جو خيال آهي تہ: ”مسلمان صوفين،درويشن ۽ اسماعيلي سنت پنٿين جي اثر هيٺ ڀڳتي تحريڪ انساني هڪجهڙائي ۽ برابريءَ جي تحريڪ بڻجي اڀري. رامانند کي سندس گُرو اگهو نند شنڪر هدايت ڪئي هئي تہ شودرن ۽ عورتن کي پنهنجي حلقي ۾ شامل نہ ڪجانءِ. پر هن پنهنجي گروءَ جي ڳالهہ نہ مڃي ۽ چيو تہ ذات پات ۽ ڇوت ڇات برهمڻن جون گهڙيل ڳالهيون آهن. ايشور پيار آهي ۽ پيار ايشور آهي. ڪنهن بہ شودر برهمڻ، مسلمان، مرد يا عورت کي پريم ڀڳتيءَ کان روڪي نہ ٿو سگهي.“ (3)

آغا سليم سيد سبطِ حسن جي ڪتاب ”*برصغير ميں تهذيبوں کا ارتقا*“ جو حوالو ڏنو آهي تہ ”ڀڳتي تحريڪ جي سنت پنٿ جو باني سيد امام الدين اسماعيلي هو“ ۽ ڊاڪٽر تارا چند جي خيال ۾ ڀڳتي تحريڪ جو انداز اسلامي عقيدن ۽ نظرئي کي ظاهر ڪري ٿو. سندس خيال آهي تہ اسماعيلي داعين ۽ صوفين جي پرچار خود هندن جي ذات پات جي خلاف آواز اُڀاريو، جيڪو ڀڳتي تحريڪ جي روپ ۾ اڀريو.

”ڀڳتي ڪنهن بہ ديويءَ يا ديوتا جي ٿي سگهي ٿي. پر ڀڳتي تحريڪ جو تعلق وشنومت سان آهي. هندن جو عقيدو آهي تہ جڏهن بہ دنيا ۾ ظلم ۽ گناهہ وڌي ويندو تڏهن وشنو مادي جسم ۾ اوتار وٺي ظلم ۽ گناهہ کي ختم ڪرڻ ۽ انسانن جي سڌاري ۽ ڀلائيءَ لاءِ دنيا ۾ ايندو آهي. (4)

ڀڳتيءَ جا پنج ڀاوَ آهن.

(1) شانت ڀاوَ= جيڪو رشين ۽ صحرا نشينن ۾ هوندو آهي.
(2) داس ڀاوَ= رام ۽ ڪرشن واري ڀڳتي
(3) سکا ڀاوَ= دوستيءَ واري ڀڳتي
(4) واتسيہ ڀاوَ= ٻال رام يا ٻال ڪرشن جي ڀڳتي
(5) پريم ڀاوَ، هن ۾ مٿين سمورن ڀاوَن جون خاصيتون آهن. اها پريم ڀڳتي آهي.

### ڀڳتي تحريڪ جي شروعات:

ڀڳتي تحريڪ جي شروعات ڏکڻ هندستان کان ٿي. پر ڏسندي ڏسندي اها سموري هندستان ۾ پکڙجي وئي. ڏکڻ ۾ ان جا وڏا پرچاري روي داس، تلسي داس ۽ ڪبير جهڙا يگانا شاعر هئا. جڏهن تہ ڏکڻ اتر ۾ ان تحريڪ جو سرواڻ شاعر گرو نانڪ هو.

گرو نانڪ جي تعليم ۽ فڪر ۾ ڪبير جي فڪر جي جهلڪ صاف نظر ايندي آهي. ڪبير عوامي شاعر هو تہ نانڪ پنهنجي باطن جي اک سان رڳو هڪ ئي

مذهب جو مشاهدو نہ ڪيو بلڪ حق جي تلاش ۾ هو هر پاسي کي اک ۾ رکندڙ هو ۽ اتر هندستان جي رهواسي هجڻ ڪري پنهنجي شاعريءَ لاءِ پنجابي ٻوليءَ کي اظهار جو وسيلو بڻايائين.

ڀڳتي تحريڪ جي ٻين نامور شاعرن ۾ دادو ديال، چيتنيہ، ميران ٻائي، سنت تڪارام، ڀڳت سور سداس، وديا پتي، چندي داس، نام ديو، پريم چند وغيره شامل هئا. انهن سمورن شاعرن جيڪي ننڍي کنڊ جي مختلف خطن جي پيداوار هئا، وحدانيت جو پيغام پنهنجي علائقائي ٻولين ۾ ماڻهن تائين پهچايو.

”هن تحريڪ جي شاعريءَ عورت جي جذبن کي هڪ سڏڪندڙ زبان ڏني ۽ اهڙيءَ طرح ادب ۾ ’گيت‘ واري صنف وڌي.

ڊاڪٽر وزير آغا چواڻي تہ ان تحريڪ جي شاعري مجموعي طور تي عورت جي اندر جو آواز آهي. (5)

لسانيات ۽ علم الانسان جي مشهور ماهر گريئرسن ڀڳتي تحريڪ واري ان هلچل جي ڀيٽ اوچتو پيدا ٿيل ”وڄ جي چمڪاٽ“ جي ڦهلاءَ سان ڪندي چوي ٿو تہ ”اسين پاڻ کي اهڙي هلچل جي روبرو ڏسون ٿا جيڪا انهن سڀني کان وسيع آهي جيڪي ان کان اڳ ۾ ڀارت ۾ هليون/ رهيون ايتريقدر جو ٻڌ ڌرم وارن جي هلچل کان بہ وڌيڪ هيءَ تحريڪ زور واري ثابت ٿي، جو جو ان جو اثر اڄ بہ نمايان آهي. (6)

هند جي ان سموري صورتحال جو اثر سنڌ و سنڌين يا اڻ سڌو سنئون تي بہ پيو.

هن تحريڪ جي وجود کان ڦهلاءَ ۽ پوءِ ادب ۽ تاريخ تي ڇڏيل اثرن تائين ان دور جي شاعرن جو ڀرپور ڪردار رهيو.

ڇئي سگهجي ٿو تہ هنن تحريڪن صوفي ۽ ڀڳتي هند ۽ سنڌ ۾ انساني شعور جو اهو ٻج ڇٽيو، جنهن اڳتي هلي روشن خياليءَ جي نظرين ۽ رجحانن لاءِ سماج ۾ راهہ هموار ڪئي. سماج ۾ تبديلي ۽ نواڻ جي نظرين جي ويڙهہ لاءِ شروع ٿيل هي تحريڪون نہ رڳو پنهنجي پنهنجي دور ۾ ڪامياب ويون بلڪ ايندڙ وقت ۾ بہ فڪر جي پڪي فصل جي تياريءَ لاءِ ساڃهہ جي زمين کي ڪيڏي زرخيز ڪري ويون.

ڀارتي ادب جا 3 مکيہ دور آهن

(1) 800ع کان 1500ع تائين اوائلي دور

(2) 1501 کان 1800ع تائين وچون دور

(3) 1801 کان اڄ تائين جديد دور

وچولي دور ۾ ڀڳتي ڪال جو دور شامل ٿئي ٿو. ڀڳتي ادب گهڻو ڪري وشنو جي رام يا ڪرشن جي صورت ۾ ظهور پذير ٿيڻ جي باري ۾ آهي.

ڀڳتي تحريڪ جي مک اڳواڻن/ شاعرن ۾ ڪبير ۽ گرو نانڪ هڪ ڪائناتي خدا ڏانهن اعتقاد جو ڦهلاءُ ڪيو جو نہ هندو هو ۽ نہ مسلمان.

ڪرشن ڀڳتي اتر ۾ اوڀر پارت ۾ گهڻي هئي، جڏهن تہ گرو گرنٿ جي ٻاڻي سنڌ ۾ بہ عام مقبول هئي. (گرو گرنٿ ۾ گرو نانڪ جي شاعريءَ جو ڪتاب آهي جنهن ۾ هن ڪانسواءِ ڪيترن ئي ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ محفوظ ٿيل هو.)

هن تحريڪ جي هڪ ٻي مک شاعره آهي ميران ٻائي.

”ميران ٻائي هندي شاعريءَ جي ڪرشن ڀڳتيءَ جي اهم شاعره آهي، جنهن جا شعر هندستان جي ڪُوٽ ڪُوٽ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڳايا ويندا آهن. هن کي هندستان جي سيفو چئجي تہ بہ بجا آهي.“ (7)

**سنڌي شاعريءَ تي اثر:**

سنڌي شاعريءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر ٻن قسمن جو آهي.

1. ڪلاسيڪي شاعريءَ واري دور کان وٺي صوفي شاعرن ڀڳتي مت جو اثر ورتو ۽ انکي پنهنجي فڪر ۾ بيان ڪيو.
2. سنڌ جي مسلمان ۽ هندو (ڪلاسيڪي ۽ جديد) ڪرشن ڀڳتيءَ ۽ رام ڀڳتيءَ تي شعر چيا آهن.

سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي تاريخ مان خبر پوي ٿي تہ ان وقت ۾ هند ۽ سنڌ جي مقامي ماڻهن ۾ ڪوبہ سماجي، ثقافتي، لساني يا فڪري تفاوت موجود نہ هو. عربن کان اڳ سنڌ تي ٻوڌين ۽ برهمڻن جي حڪومت رهي آهي. هتان جي فڪر، علم ۽ ادب تي سنسڪرت، پالي، اپڀرنش ۽ هندي ٻولين جو اثر رهيو آهي. اهڙي ماحول ۾ هندي شاعريءَ جي اهم تحريڪن ڪرشن ڀڳتي ۽ رام ڀڳتي، ناٿ پنٿي ۽ نرگن واد وغيره جو سنڌي ادب، علم ۽ فڪر تي اثر لازمي هو. جوڳي ۽ سامي سنڌ جي ڪُوئن ۾ ڦرندا وتندا هئا. سندن نہ ڪو ملڪ هو نہ گهر نہ قوم نہ ماڳ نہ مڪان، بس هڪ فڪر هو محبت ۽ ايمان.

جوڳين ۽ سامين واريون تشبيهون ۽ تمثيلون ويدانتي ۽ ڀڳتي آهن.

تصوف واري لاثاني فڪر جي رنگ سان گڏ عوام موضوع، تهذيب ۽ ثقافت اجاگر ڪرڻ وارو اڻٽٽ سلسلو ڪلاسيڪي شاعرن قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري، شاهہ لطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ خليفي نبي بخش کان ٿيندو، شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير عباسي تاجل بيوس ۽ موجوده دور جي ٻين شاعرن تائين ملي ٿو.

اسان جي شاعرن نہ رڳو فڪر جي اونهي موضوع کي گهرائيءَ سان بيان ڪيو آهي پر لوڪ ۽ عوامي رنگ ۾ بہ پنهنجي همعصر سماجي ۽ ادبي قدرن جو اثر قبول ڪيو آهي.

ڀارتي اديب جيٺي لالواڻيءَ جو پڻ اهو خيال آهي تہ، ”سنڌي سنتن، سنت

ڪوين، شاعرن ٻنهي ڪرشن ڀڳتيءَ رام ڀڳتيءَ کي گڏ وٺي هلڻ جي ڪو شش ڪئي آهي. سنڌي شاعري ڪرشن ڀڳتيءَ، پريم ۽ هڪجهڙائيءَ جي نظرئي سان ڀرپور آهي. (8)

ڀڳتي تحريڪ جو سرواڻ شاعر گرونانڪ هو. گرونانڪ جي جنم ڀومي ڪنهن دور ۾ سنڌ جي جاگرافيائي حصي اندر رهي آهي. ڪن ماڻهن جو اهو به خيال آهي ته گرو نانڪ (تنهن وقت ۾) سنڌ جائو هو.

گرونانڪ شاعريءَ ۾ سنڌي لفظ استعمال ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ جي صوفي بزرگن شاعرن پڻ گرونانڪ جي فڪر کي مذهبي انتهاپسنديءَ کي ننديندڙ جي حيثيت ۾ ساراهيو آهي. سندس عقيدتمند سنڌ ۾ به هئا.

گرو نانڪ جي ڪلام گرو گرنٿ ۾ بابا فريد جا دوها پڻ شامل آهن.

بابا فريد جي ڪلام ۾ سنڌي دوها پڻ شامل آهن. جن ۾ ڪرشن ڀڳتي يا رام ڀڳتي ياجوڳ جو ڪو سنئون سڌو ذڪر ته نه آهي پر صوفياڻي ۽ سماجي فڪر ۾ هڪجهڙائي آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ضرور بابا فريد ۽ گرو نانڪ هڪ ٻئي جي فڪر کان متاثر ٿيا هوندا.

بابا فريد جي گرو گرنٿ ۾ شامل دوهن جو مثال:

صبر منجهه ڪمان، صبر ڪاتيڙو<br>
صبر سندا ٻاڻ، خالق خطا نه ڪري<br>
(دوهو- 107)

تن تپي تنور جئن، ٻارڻ هڏ ٻرن،<br>
پيرين ٿڪان، سر چلان، جي مون پرين ملن.

سرور پکي هيڪڙو، ڦاهيوال پچاس<br>
اي تن لهرين گڏ ٿيا، سچا تيري آس.

هن دوهي جي اثر ۾ شاهه لطيف جو هڪ بيت پڻ آهي

جر ۾ پکي هيڪڙو، پاهيڙي پناجهه،<br>
رکي آس الله، لُڏي لهرن وچ ۾.

قاضي قادن سنڌ جو اساسي شاعر آهي. هيرو ٺڪر قاضي قادن جي شاعريءَ بابت لکي ٿو ته:

”جنهن زماني ۾ اتر ڀارت ۾ ڪبير داس، سور داس، پنجاب ۾ شيخ فريد ۽ گرو نانڪ ۽ راجستان ۾ ميران ٻائي ڀڳتي پريم ۽ گيان جا گل وسائي رهيا هئا، ان ساڳي زماني ۾ سنڌ ۾ قاضي قادن اٽڪل ٽيهن سالن جو هو. ميران جو جنم قاضي قادن جي جنم کان اٽڪل چاليهه سال پوءِ ٿيو. گرو نانڪ ۽ سور داس قاضيءَ قادن

جا ذري گهٽ همعصر هئا. قاضي قادن جي وفات وقت دادو ديال اجان سٽن سالن جو هو ۽ تلسيداس قادن کانپوءِ جو ڪوي آهي.“ (9)

اهڙيءَ صورتحال ۾ اهو ممڪن ٿي نہ آهي تہ قاضي قادن ان ايتري وڏيءَ ادبي تحريڪ کان متاثر نہ ٿيو هجي. قاضي قادن جي ڪلام ۾ جوڳيءَ واري تمثيل موجود آهي:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، پريان سندي پيچري.

ان کانسواءِ مذهبي معاملي ۾ سندس لبرل ازم سماج ۾ ٿيندڙ تبديلين جي اثر کي واضح ڪري ٿو.

ڪنز قُدوري ڪافيہ ڪي ڪين پڙهيوم
سو پارئي ٻيو، جهان پرين لڌوم.

قاضي قادن جي ڪلام جو وڏو حصو هرياڻا جي هڪ مٺ مان ملڻ اهو پڻ ثابت ڪري ٿو تہ نہ رڳو قاضي قادن ان فڪر کان متاثر هو پر سندس ڪلام کي هندستان ۾ پڻ وڏي عقيدت سان ٻڌو، سمجهيو ۽ سانڍيو ويو. ضرور سندس فڪر مان اتان جي ساڃهہ وندن لاڀ حاصل ڪيو هوندو. اهڙن فقيرن ۾ دادو ديال جو نالو بہ اچي ٿو، جيڪو ڀڳتي تحريڪ جي سٽ وارن ۾ شامل هو.

**دادو ديال:** دادو ديال جنهن جو اصل نالو دائود يار هو ۽ چون ٿا تہ سامپرجي درويش شيخ ٻڍڻ صوفي جي دعا سان پاڻ بہ صاف دل صوفي ٿي پيو.

سندس مريد هندو هئا ۽ مسلمان بہ ڪيس مڃيندا هئا. (10).

راجستان جو صوفي فقير ۽ درويش دادو ديال شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو همعصر هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سندس ڪلام متعلق لکي ٿو تہ:

”سنڌ جي ولين ۽ درويشن جي ڪلام جو راجستاني پاڳن جي انهن فقيرن ڀڳتن تي اثر پيو، جيڪي جوڳ ۽ ڀڳتي عقيدن جا پوئلڳ ۽ ڏٽيءَ جي هيڪڙائي کي مڃيندڙ ۽ موحد هئا. خاص طرح سنڌ جي وڏي عالم، عارف ۽ صوفي قاضي قادن جي ڪلام جو راجستان جي درويش دادو ديال تي وڏو اثر پيو، ۽ دادو ديال نہ فقط قاضي قادن جي بيتن کان متاثر ٿي پاڻ سنڌي وايون چيون پر سندس پوئلڳ ڀڳتن ۽ فقيرن قاضي قادن جي بيتن کي راجستان توڙي راجستان کان ٻاهر تائين مشهور ڪري ڇڏيو. (11)

قاضي قادن جو بيت:

اکيون آڪاساهہ، فوجون ڪري اُلَٿِيُون،
سوڙهي ڳليءَ منجهاهہ، سوجهي پري لهنديون.

دادو ديال جو بيت:

دادو اکيون پسڻ کي، پري اُلٽيان منجهه
جتي بيٺو ماپري، نهاريندو هنجهه

دادو ديال پنهنجي وقت جو وڏو ڀڳت ۽ درويش ڪوي هو ۽ گهڻو شعر چيائين، جيڪو سندس چيلن جا بجا مشهور ڪري ڇڏيو. (12)

دادو جهاتي پائي پس پري، هاٽي لاءِ مَر وير،
ست سپوئي هليو، پوءِ سندونِ ڪير.

دادو! جين تيل تلن ۾، جين ڳُنڌ ڦلن،
جين مکڻ کير ۾، تين رب رهن.

ڀارت جي موجوده راجستان ۽ هرياڻا رياستن ۽ سنڌ جي تهذيب ۾ گهڻي هڪجهڙائي آهي.سنڌ ۽ راجستان جي درويشن جو هڪٻئي وٽ اچڻ وڃڻ رهندو هو.

دادو ديال ڪانسواءِ راجستان جو هڪ ٻيو گجراتي درويش مهامتي پراڻ ناٿ هو. سندس گرو هڪ سنڌي سنت هو، جنهن جو نالو 'ديو چندر' هو پوءِ هو "سامي نجانند جي نالي سان مشهور ٿيو. سامي نجانند 1606ع ۾ سنڌ مان لڏي نوان نگر ۾ اچي رهيو جتي سندس ملاقات مهامتي پراڻناٿ سان ٿي.

"سامي نجانند جهڙن سنتن جي اوتارن ۾ سنڌ جي صوفين جي اچ وڃ هئي ۽ درويشن جا بيت، سلوڪ ۽ ٻيو ڪلام بيان ڪيو ويندو هو. مهامتي پراڻناٿ پنهنجي گروءَ جو ڪلام ٻڌي پاڻ بہ شاعري ڪرڻ لڳو. هو ٺٽي ۽ سنڌ جي لاڙ وارن شهرن ۾ اچڻ وڃڻ لڳو ٺٽي ۾ 'لال داس' سندس چيلو ٿيو. (13)

الانا صاحب سندس شاعريءَ کي 'چوپايون' لکيو آهي.

آخر ويراڻ جي، آئين روچين ڇڏيجا راند،
اتي وڃ عرش جي، ڪوڏ ڪري مڙون ڪانڌ.

تر سائين تہ ترسان، مونکي مون منجهان ڪي نہ سريو،
سڀ ڳالهيون آن جي هٿ ۾، جاٽي تيئن ڪريو.

ڪلاسيڪي شاعرن ۾ ڀڳتي اثر سڀ کان گهڻو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو ان سلسلي ۾ رايو آهي تہ، "ڀٽائي صاحب جهڙي اهلِ دل ۽ عارف درويش ڪبير جي هن موحدانہ نظريي جي حقيقت ۽ جاذ بيت کي محسوس ڪندي ان کي پنهنجو ڪيو."

ڀڳت ڪبير هڪ عوامي شاعر هو. سندس شاعريءَ جو شاهہ اثر قبوليو آهي، جيڪو ڪٿي تہ محض تشبيهن ۾ ۽ ڪٿي تہ مورڳو پوري سٽ ۽ بيت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

آؤ پریتم موہنا پلک موند تو ہے لوں
نا میں دیکھوں اور کوءِ نہ تو ہے دیکھن دوں

شاھ جو بيت:

اکين ۾ تي ويھ تہ واري آءٌ ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيھ، آءٌ نہ پسان ڪي ٻيو.

ڪبير جي دوهي جو مفهوم ڀٽائيءَ جي هڪ بيت ۾ ذري گهٽ ساڳيو آهي.

ماٹی کہے کمہار سے تو کیا روندے موئے،
ایک دن ایسا ہوئیگا، میں روندونگی توئے۔

شاھ:

جاپونءِ متي سجڻين، پونءِ پيرين مون،
ڏگ لتبا ڏوڙ ۾، ايي ڏناسون،
ڏينهن دنيا ۾ ڏون، اتي لوچ لطيف چئي.

ڪبير جو دوهو:

چلتی چکی دیکھ کر، دیا کبیر روئے
دوپاٹن کے بیچ میں، ثابت رہیا نہ کوئے۔

شاھ جو بيت:

جنڊ پيسيندي ٿيو، ڪيڏو ڪيس ڪٽڻ،
ڪي پهرين ۾ پيمال ٿيا، ڪي گهمرن ساڻ گهٽڻ.

ڪبير ڪانسواءِ تلسيداس بلڪ راماڻ جو اثر بہ شاھ جي ڪلام ۾ پسي سگهجي ٿو.

راماڻ هندو ڌرم جو هڪ ڌرمي ڪتاب آهي. جنهن ۾ شري رامچند جا داستان شامل آهن، اهو رڳو ڌرمي ڪتاب نہ پر شاعريءَ جو اعليٰ سرچشمو پڻ آهي. سنڌيءَ ۾ ولي رام ولڀ ان جو ترجمو ڪيو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ان مان ڪجھ حوالا هن ريت بيان ڪيا آهن. لڪيداس جي بيان ۾:

”اوپر طرف چنڊ ايريو. رام ڪيس سيتا جي مک جهڙو ڏسي خوش ٿيو. پوءِ من ۾ ويچار ڪيائين تہ هيءُ چنڊ سيتا جي مک جي برابر ناهي.“

”ڏينهن ۾ هو بدصورت رهي ٿو ۽ ڪاري داغ وارو آهي. ويچارو غريب چنڊ سيتا جي مک جي برابري ڪيئن ڪري سگهي ٿو.“

”وري اهو وڌي گهٽي ٿو ۽ وچڙيل ونين کي ڏک ڏئي ٿو. اي چنڊ تو ۾ گهڻائي عيب آهن.(14)

راماڻ جي مٿين شعرن جو اثر شاھ ڀٽائيءَ جي سر ڪنيات وارن بيتن ۾

واضح ڏسي سگهجي ٿو. جنهن ۾ هن چنڊ جي پرينءَ کي تشبيهه بابت شعر چيا آهن.

چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان نہ پرين سين،
تون اڃو ۾ راتِ، سجڻ نِتُ سوجهرو.
(سُر ڪنڀات)

چنڊ چوانءِ سچ، جي مٽي نہ پانئين
ڪڏهن اپرين سنهڙو، ڪڏهن اپرين ڳچ،
منهن ۾ ٻريئي مچ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرينءَ جي.
(سُر ڪنڀات)

شاهہ ڀٽائيءَ رامائڻ جي اثر سان گڏ ڪجهہ اهڙا بيت بہ چيا آهن، جن ۾ ”رام“ جو ذڪر آهي. سر رامڪليءَ ۾ چيل بيت هن ريت آهن:

سَتين ڏِينهن سَيَّدُ چي، ڏاڳا ڏوتائُون،
اُڀي اَلَکَ سامُهيون، باهُون ٻَڌائُون،
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پُوتائُون،
وَڏي ڪَنهن وِلاتِ جا، اُهَجَ آندائُون،
ڪَٽيو ڪِدائُون، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ مر.
( سُر رامڪلي)

اَٺين ڏِينهن، اُڀي وِيا، جوڳِي جاءِ ٻَجاءِ،
سا پَرِ سامِي سِکِيا، جا پَرِ جوڳَ جُڳاءِ،
ويروتارَ وُجودَ ۾، اُنِ کي رامُ رَهيوئي آهہ،
ڪنهن ڪَمائِيءَ لاءِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.
( سُر رامڪلي)

رُوحَ ۾ رَهِيُنِ رامُ، ٻَهَرِ ٻولِينِ ڪِي ٻئو،
پِيالو پُر ڪَري، جُوپُ پِيتائُون جامُ،
تِهان پوءِ تَمامُ، تَنَ تَڪِيا تاڪي ڇَڏِيا.
(سُر رامڪلي)

گِهندَڙِ پاسي گهنڊَ، گَڏُ گڏارِينِ گودڙيا،
ٻَلِيتيءَ ڪان پانهِنجا، پاڪُ رکيائون پِنڊَ،
نانگا ڪَنِ نہ نِنڊَ، وڃَنِ رُوندا رامَ ڏي.
(سُر رامڪلي)

ان ڪانسواءِ شاهہ پنهنجي بيتن ۾ تشبيهن طور گرو، گورکناٿ، گيان ۽ چيلي وارا لفظ پڻ استعمال ڪيا آهن. جيڪي هندي/ ڀڳتي آهن.

ڪبير، لکيداس، گرونانڪ رامانند جي چيلن ۾ شمار ٿيندا هئا ۽ رامانند

سندن گرو هو.

اهڙيءَ طرح گورکناٿ، ناٿ پنٿي جوڳي هو. ناٿ پنٿي پڻ هندي شاعريءَ جي هڪ تحريڪ هئي پورب ڏانهن جوڳ تحريڪ وارا جوڳي ويندا هئا.

جاڳُر ڏني گودڙي سا مونکي تي مَرڪَ
چيلاماري چرخ، اوڍي ويهه ادب سين.
سامي چڏي سانگ، گڏيا گورکناٿ سين.

ان ڪانسواءِ ڀڳتي گيان جو واضح اثر ساميءَ جي شاعريءَ ۾ آهي. ساميءَ جا سلوڪ اصل ويدانتي شاعري آهي. سنڌ ۾ ويدانتي شاعريءَ جا اهڃاڻ عربن جي فتح کان اڳ جا به معلوم ٿيا آهن. ”اشلوڪ جي شاعر پنگل“ جو ذڪر ان دور جي وڏي شاعر طور ملي ٿو. پر ساميءَ جي اشلوڪن (سلوڪن) سنڌي ادب کي سگهارو ڪري ڇڏيو.

سندس ڪلام ۾ ڪرشن ڀڳتي واضح نظر اچي ٿي.

ائي پهر وڄي ٿي مرلي من موهن جي،
ٻُڌي ٻن ڪنن سان،سامي ڪين وڃي،
توڙي پراڻ تجي تان پيي ڏيا.
(سامي)

سامي جا ڪجهه ٻيا سلوڪ:

مک سان رام چئي، سانت نہ اچي جيءَ کي،
ان پاٽيءَ جي ناؤ سان، يک اچ ڪين لهي،
ننگر پهچي ڪونہ ڪو، بنان پنڌ ڪئي،
گر گم رهت رهي، تہ سکي ٿئي سامي چئي.

وڏي وڏائي سامي جاڻ ڀڳت جي،
نيچ اونچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي،
ڍيڍ چمار، جولاها، پيچارا ۽ نائي،
جنين لنئو لائي، سي سڀئي سڌريا.

سنڌي ادب جي تاريخ خاص طور تي نثر سينگاريندڙ اديبن ۾ سنڌ جي هندو شاعرن جو وڏو هٿ رهيو آهي. انگريزن جي دور ۾ ننديرام مير چنداڻي، نارائڻ داس ڀمڀاڻي، پرمانند ميوارام، ڪاڪو ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ۽ ٻيا ڪيترائي نثر نويس ٿي گذريا جن سنڌي نثر کي ترجمن، تحقيق ۽ تخليقي ادب سان مالا مال ڪري ڇڏيو. نثر سان گڏ ڪيترن اديبن شاعري پڻ ڪئي، جن ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو سنڌ جي حوالي سان جديد شاعريءَ جي باني‌ڪار طور شامل ٿئي ٿو.

سُرت نرت سان رهي، ڪان ڪي ڪل ڪانه رهي،
راڌا راڌا ڪانه رهي، تون رهي نه مان رهي.
پرسرام ضياءَ
شيام جنهن دم پنهنجي مرليءَ کي وڄائڻ ٿي لڳو،
ڪئف جي هڪ خاص دنيا هو بڻائڻ ٿي لڳو.
هوند راج دکايل:
شيام روپ ۾ پريم سمايو، پريم روپ ۾ شيام،
من اندر جي پريم پوڄ ۾، برا جي ٿو گهنشام،
شيام سندر جي چرڻ ڪمل ۾، پيٺيم چارئي رام.

نارائڻ شيام سنڌ جو هڪ تمام بهترين شاعر هو. نارائڻ شيام جي شاعريءَ ۾ به ڪرشن ڀڳتيءَ جو اثر نمايان آهي.

اڃا ڪنن ۾ پيو ٻُري مرليءَ جو آواز،
ڪرشن کي ڳولهين سکيون برج ڄڳان جڳ راز.

شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام جي جوڙي سندن دوستي سنڌي شاعريءَ جي افق تي ٽمڪندڙ ٻن ستارن جيان هئي. شيخ ايازجي شاعريءَ ۾ پڻ ڀڳتي شاعريءَ جو اثر ڏسي سگهجي ٿو.

شيام سُريليءَ بيسريءَ، هاڻي ٻيو ڪو سُرُ،
هتي ڪرڻو ڪو نه آ، ٻيهر ڪرو ڪيتر،
هر هر موکي هر ڪر، ننڊ نه اچي رات جو.
(سُر نارائڻ شيام)
پايل پائي راڌيڪا، ڇم ڇم اچي ٿي،
ڪُوڪي بن جي باغ ۾، ڪويل قدم تي،
مُڪتي ناهي مٽي ڪابه، انهن ڪان ڪاپڙي.

مور مکٽ گهنشام، اچي راڌا سان ڪر ريجهه ڪا،
گهوٽ گهٽيون ئي گوپيون، تون ئي منهنجو پيتار
اچي راڌا سان ڪر ريجهه ڪا...
(سُر نارائڻ شيام)

ساري رات ڪبير سان، تون مان ڳالهايو،
ڌرتي امبر تي وئي، اهڙيءَ پرڳايو،
ور ور ورجايو، نياپو هن جي نينهن جو.

نہ ڪي تون ئي رک آن، نہ ڪي مان مٽي،
تنهنجي منهنجي پيار ۾ چانڊوڪي ڇِٽي،
گهر ساري گهٽي، جنهن ۾ جهر مر ڪن پيا
(سُر نا رائڻ شيام)

اياز هندو مسلم فساد مهل نارائڻ شيام کي علامت بڻائي سنگرام لکيائين:

هي سنگرام
نارائڻ شيام سامهون آ
هنجا منهنجا قول بہ ساڙيا
ٻول بہ ساڙيا
هو ڪوتا،
هو ڪاڪ ڏٽي جو
منهنجا رنگ رتول بہ ساڙيا.

ڀڳتي راڳ جو هڪ قسم بہ آهي ديش ڀڳتي يعني ڌرتيءَ جي آزاديءَ جا گيت. ان قسم جي شاعري ديس جي آزاديءَ خاص طور تي انگريزن کان آزاديءَ واري دور ۾ ڪئي وئي. شيخ اياز جي منظوم ڊرامي "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ" ۾ ان قسم جي شاعريءَ جو اولڙو پسي سگهجي ٿو.

ٻ وسڪيءَ جهر مر جام ڀري
ٿي ڀِڇرا ڀُٽ ڀُٽ پيئن ٿا،
ٻ چورن وانگر جيئن ٿا،
ٻ ڳائن ٿا، "اي برطانيہ!"
ڪر راج سدا اي برطانيہ
تو نہ ٻولين ٿي! "افسوس اسان
ٿا ڳايون ساڳيا گيت اجان،
هو گيت منوهر مُرليءَ جا،
ڪنهن گوالي جا ڪنهن گوپيءَ جا،
ٻ برندا بن ۾ گهاريون ٿا،
ڪنهن وقت ايوڌيا ساريون ٿا
ٻ رام راج لئہ وسڪون ٿا،
ٻ سامراج کان کسڪون ٿا
ٻ ڪنهن جمنا تٽ تي جهولن ۾،
جڻ ڦٽ لڏن ٿا ڦولن ۾
ٻ پنهنجا مسلم ڀائر پڻ

تي ڏهڪائي ساڳي ڏائڻ
شيخ اياز شاعري-3 (ص 667)

هي مڪتي آهي ڀڳتي آ،
هي ٻم گولو سا شڪتي آ،
جا ناهي ڪنهن ڀي جپا تپ ۾،
سو دُشٽ اڏائي سگهندو آ،
سو راوڻ گهائي سگهندو آ...
ٿا ويري هر هر هنساڪن
۽ پنهنجا ڏيهي سنسا ڪن
چي: ڪنهن جي هتيا ناهي چڱي
چن پنهنجي هتيا آهي چڱي

جي منتر چار اچارن ٿا،
۽ چوري چاڪ نهارن ٿا،
ٿا اهڙا اوتا ڏس ڏين،
جو گهاو وجي ناسور ٿين
اج تن جي پورن پنتن کي،
۽ تن جي گيت-گرنتن کي
ڪو ڀانيڊ مچايون ڍير ڪري
ڪيئن راوڻ جهڙي رات تري.
(ڀڳت سنگهه ڪي قاسي -3، ص: 663)

جئہ جنني جنم-ڀومي
تنهنجي گود امرتا آچي
مٽيءَ تي مريادا آچي
تنهنجي لاءِ لاءِ مون جاتا
جنم جنم جا مارگ پاتا
جئہ جئہ جنني، جئہ جئہ جيجي
جئہ جئہ ڌرتي جئہ جئہ ڌرتي
جئہ جنني، جنم ڀومي
(ڀڳت سنگهه ڪي قاسي ص: 682)

ريڊئي ٽيليويزن کان اڳ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ”ڀڳت“ لڳندي هئي، جيڪو ٿيٽر جو هڪ قسم هو. ان ۾ لوڪ قصا، گيتن جي صورت ۾ ڳائبا هئا ۽ ڀڳت فقير اهي قصا ناچ جي صورت ۾ پيش ڪندا هئا. اهي مردن جي ويس ۾ به ته عورتن جا ڪردار ساڙهيون پائي ادا ڪندا هئا. اسان پڻ ٻاراڻي وهيءَ ۾ اهي ”ڀڳت“ ميڙاڪا ڏٺا.

ڀڳت جي ميڙاڪي جو ڀڳتي تحريڪ سان ڪو واسطو نه آهي. ڊاڪٽر لالواڻي مطابق ”اهو فن، راڳ تال، ناچ جو مرڪب آهي ۽ انهن گايڪ ٽولين سان آهي، جيڪي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، شهر- شهر ۾ وڃي عوام جو منور نجن ڪنديون هيون.“ (15)

اهي ميڙاڪا ڀڳتي فڪر ۽ پيغام جو ذريعو ۽ تسلسل ضرور هئا. ڀڳت ڪٿڪ ناچ جو هڪ قسم آهي ۽ ناٽڪ ناچ جو سنڌي نمونو آهي. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ۾ ان جي وضاحت آهي ته:

”ڀڳت ڪهاڻي ڪٿڻ جو هڪ انداز آهي، جنهن ۾ هڪ طرف مُک فنڪار ٽئي ۽ ٻيا مددي آواز ٽين. مک ڪهاڻين ٻڌائيندڙ نثر ۾ ڪا ڪهاڻي يا ڳالهه ڪٿندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي ساٿي ڪلاڪارن جي مدد سان ڪهاڻيءَ جي ڪردارن وچ ۾ ڪٿي نثر ۾ ته ڪٿي گيتن ذريعي اظهار ڪندو آهي.(16)

سنڌي موسيقيءَ ۾ ڀڳت ڪنور رام جو نالو مشهور آهي. سندس شخصيت، مذهب جي فرق کان آزاد هئي.

هو ڀڳتي تحريڪ جو هڪ عملي نشان هو. جنهن جو ثبوت سندس ڳايل گيت آهن. هو رڳو هڪ راڳي نه هو بلڪ سماج سڌارڪ، غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ هندو مذهب ۾ ذات پات، اونچ نيچ جي فرقن کي مٽائڻ وارو هو.

هن هندو- مسلم ايڪتا لاءِ پنهنجن گيتن ذريعي آواز اٿاريو. سندس ڳاتل دعا اڄ به سنڌي موسيقيءَ ۾ اعليٰ درجي جو مقام رکي ٿي ۽ اڄ به وڏي عقيدت سان ڳاتي وڃي ٿي.

” نالي الک جي بيڙو تار منهنجو تون“

ڪنور ڀڳت، شاهه سليمان فقير جي هيءَ ڪافي ڳائي پنهنجي پيغام کي اڃان به سگهارو ڪري ڇڏيو.

ڏس اهو ڏانءُ، جنهن سان توکي پرچايان
توکي پرچايان، جنهن سان توکي سرچايان
جان ٿيان هندو، پوڄان بتخانا،
دوارڪا ڪاشي جمنا چاوان،
تلڪ لڳايان کي جٽيون پايان

سليمان فقير جو اهو ڪلام ڪنور ڀڳت ۽ عابده پروين ڪجهه ٻين لفظن

۾ڳائيندا آهن، جهڙوڪ:

”ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان

ڏس ڪو ڏانءُ، ڏس ڪو ڏانءُ

سنڌي ٻوليءَ جي لڳ ڀڳ هر شاعر هندو مسلم ايڪتا جي ڳالهه ڪئي آهي، انهن ڀڳتي فڪر، ويدانت، ٻڌمت وغيره جو اثر قبول ڪيو آهي، جن ۾ سچل سرمست، صوفي دلپت، روحل فقير، نانڪ يوسف وغيره اچي وڃن ٿا. انهن شاعرن بابت الڳ لکيو ويندو.

ڳائڻي سيد سليمان شاهه جي ڳائڻ جو انداز به ڀڳتي هو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪمال جامڙو لکي ٿو ته:

”ان جي ڳائڻ جي انداز کي ڀڳتي انداز سڏيو وڃي ٿو. هو گهنگهرو يا ڇير ٻڌي نچندو هو.“ (17)

صوفي فڪر ۽ ڀڳتي تحريڪ ۽ فڪر جي هڪ ٻئي تي اثر جو سنڌي شاعريءَ ۾ اهو هڪ اعليٰ ترين مثال آهي. ڇو ته اها شاعري اڄ به جڏهن فنڪار ڳائن ٿا ته اها شاعري پنهنجي فن ۽ فڪر جو اثر هر پيڙهيءَ جي ساڃهه وند دل تي ويهاري ڇڏي ٿي.

## حوالا:


1. ميمڻ عبدالرشيد (2006ع) سنڌي- سنڌي- انگريزي لغت، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ص: 139
2. فهميده حسين ڊاڪٽر (2012ع) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد واليم: پ
3. سيد انور ڊاڪٽر (2013ع) اردو ادب کی تحریکیں، انجمن ترقیٔ اردو، پاکستان، کراچی
4. سليم آغا، (1990ع) ”بابا فريد گنج شڪر جا دوها“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو- 1990ع ص: 22
5. سديد انور، ڊاڪٽر، ص: 134
6. فهميده حسين ڊاڪٽر ص: 98
7. عباسي تنوير، (1995ع) شاهه لطيف جي شاعري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ص: 50
8. لالواڻي ڄيٺو مل(2013ع) ”سنڌي سنت ساهتيه“، ڇپائيندڙ ڄيٺو لالواڻي، آدتيه بنگلوز، احمد آباد انڊيا، ص: 32
9. ٺڪر هيرو (1996ع) قاضي قادن جو ڪلام، (سنڌ ۾ ان جو اڀياس) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،
10. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، (1990ع) ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ص : 292
11. ساڳيو، ص : 293
12. ساڳيو، ص: 294
13. الانا ڊاڪٽر غلام علي (2006ع) سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، ص: 190
14. عباسي تنوير، ص : 47

15. لالواڻي چيتو مل، ص: 46
16. فهميده حسين ڊاڪٽر، ص؛ 97
17. ٽالپر مير محمد خان (1985ع) راز و نياز تذڪرة الشعراءَ، حيدري پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، ص: 123
18. ڄامڙو ڪمال ، (2003ع) سنڌي ثقافت جا امر آواز، ثقافت کاتو، سنڌ حڪومت، ڪراچي


## مددي ڪتاب:


1. شاهہ جو رسالو، ڪلياڻ آڏواڻي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2012ع
2. شاهہ لطيف جي شاعري، تنوير عباسي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. (ڪبير جا بيت)
3. ساميءَ جا سلوڪ (جديد)، پروفيسر بي.ايچ ناگراڻي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد
4. شيخ اياز، شاعري(3)، شاعري(4) ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي 2012ع
5. شيخ اياز، شخصيت ۽ فن، غلام سڪينہ حميده قاضي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي. 2012ع